اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ



# حج و عمرہ

## و اوقاتِ نماز



مکتبۃ المدینہ
MAKTABA TUL MADINAH
MC 1288



## عُمري جي نيّت

**اَللّٰهُمَّ اِنِّیۡۤ اُرِيۡدُ الۡعُمۡرَةَ ط فَيَسِّرۡهَالِیۡ وَتَقَبَّلۡهَا مِنِّیۡ ط وَاَعِنِّیۡ عَلَيۡهَا وَبَارِكۡ لِیۡ فِيۡهَا نَوَيۡتُ الۡعُمۡرَةَ وَاَحۡرَمۡتُ بِهَالِلّٰهِ تَعَالٰی**

اي الله عَزَّوَجَلَّ مان عمري جو ارادو ڪريان ٿو، منهنجي لاءِ هن کي آسان ڪر ۽ ان کي منهنجي طرفان قبول فرماءِ، ۽ ان جي (ادا ڪرڻ ۾) منهنجي مدد فرما ۽ ان کي منهنجي لاءِ بابرڪت بڻاءِ، مون عمري جي نيت ڪئي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ان جو اِحرام ٻڌو.

ننهن ڪٽي، بغل ۽ دن کان هيٺ جا وار ڪوڙي، غسل کان پوءِ اسلامي ڀائر احرام ٻڌن ۽ اسلامي ڀينرون دستور مطابق لباس پائي رکن، عطر لڳائن، مڪروه وقت نه هجي ته احرام جا ٻه نفل ادا ڪن. اسلامي ڀائر مٿو اگهاڙو ڪن. اسلامي ڀينرون منهن نه ڍڪين، عمري جي نيّت ڪري پوءِ ٽي ڀيرا لَبَّيۡك پڙهن.

**لَبَّيۡكَ ط اَللّٰهُمَّ لَبَّيۡكَ ط لَبَّيۡكَ لَا شَرِيۡكَ لَكَ لَبَّيۡكَ ط اِنَّ الۡحَمۡدَ وَالنِّعۡمَةَ لَكَ وَالۡمُلۡكَ ط لَا شَرِيۡكَ لَكَ ط**

مان حاضر آهيان، اي الله مان حاضر آهيان، (ها) مان حاضر آهيان، تنهنجو ڪو شريڪ ناهي، مان حاضر آهيان، بيشڪ تمام خوبيون ۽ نعمتون تنهنجي لاءِ آهن ۽ ملڪ ﺑﻪ تنهنجو ئي آهي، تنهنجو ڪو شريڪ ناهي.



# طواف جي نيّت

اسلامي ڀائر ساڄو ڪلهو کليل رکن، ڪعبي شريف ڏانهن چهرو ڪندي، رُڪن يماني ڏانهن حَجَرِ اَسوَد جي ويجهو اهڙي طرح بيهو جو پورو حَجَرِ اَسوَد اوهان جي ساڄي پاسي رهي، هاڻي طواف جي هن طرح نيّت ڪريو:

اَللّٰهُمَّ اِنِّیۡۤ اُرِیۡدُ طَوَافَ بَیۡتِکَ الۡحَرَامِ فَیَسِّرۡهُ لِیۡ وَتَقَبَّلۡهُ مِنِّیۡ ؕ

**اي الله عَزَّوَجَلَّ! مان تنهنجي محترم گهر جي طواف ڪرڻ جو ارادو ڪريان ٿو، ان کي منهنجي لاءِ آسان فرماءِ، ۽ ان کي منهنجي طرفان قبول فرماءِ.**

هاڻي ڪعبي ڏانهن منهن ڪري پنهنجي ساڄي پاسي ٿورو هلي حَجَرِ اَسوَد جي بالڪل سامهون اچي وڃو، پنهي هٿن جون ترِيون اهڙي طرح ڪنن تائين کڻو جو حَجَرِ اَسوَد جي طرف رهن ۽ پڙهو:

بِسۡمِ اللّٰهِ وَالۡحَمۡدُ لِلّٰهِ وَاللّٰهُ اَکۡبَرُ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی رَسُوۡلِ اللّٰهِ ؕ

**الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان ۽ سڀئي خوبيون الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آهن ۽ الله عَزَّوَجَلَّ سڀ کان وڏو آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي رسول صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي دُرود ۽ سلام هجن.**

۽ حَجَرِ اَسوَد جو اِستِلام ڪريو، پوءِ هڪدم ساڄي هٿ واري پاسي اهڙي طرح مڙو جو ڪعبو شريف اوهان جي کاٻي هٿ ڏانهن رهي، اسلامي ڀائر پهرين ٽن ڦيرن ۾ ”رَمل“ ڪندي، يعني جلدي جلدي ننڍا قدم کڻندي، ڪلها لوڏيندي هلن، رکنِ اَسوَد تي هڪ ڦيرو پورو ٿيو. وري پهريان وانگر اِستِلام ڪريو،



هاڻي نيّت جي ضرورت ناهي. ٽن ڦيرن کان پوءِ اسلامي ڀائر وچٿري چال سان طواف ڪن، ست ڦيرا مڪمل ڪرڻ کان پوءِ اٺين ڀيري استلام ڪريو. هاڻي ساڄو ڪلهو ڍڪي ڇڏيو، هر طواف ۾ ست ڦيرا ۽ اِسّتِلام اَٺ (8) هوندا آهن، هاڻي جيڪڏهن مڪروه وقت نہ هجي تہ هيٺئر، نہ تہ بعد ۾ مسجد الحرام ۾ ٻہ رڪعتون نماز واجبُ الطَّواف ادا ڪريو، پوءِ مُلتزَم وٽ دعا گهرو. ان کان پوءِ قبلي ڏانهن منهن ڪري ٻيهي زم زم شريف پيئو.

## سعي

ڀهريان وانگر ئي نائين ڀيري استلام ڪريو. صفا شريف جي ماربل لڳل حصي تي ٿورو مٿي چڙهو تہ جيئن ڪعبو شريف نظر اچي، قبلي ڏانهن منهن ڪري ٻيهي، هٿ کڻي دعا گهرو، پوءِ سعي جي نيّت ڪريو جو اها مُستَحَب آهي، بنا نيّت جي بہ سعي درست آهي، سبز ميلن جي وچ ۾ اسلامي ڀائر ڊوڙن، مروَه اچي ويو! هڪ ڦيرو پورو ٿيو. چيڪ ٿائيل جي هيٺ قبلي ڏانهن منهن ڪري، ٻيهي ڀهريان وانگر دعا گهرو، نيّت جي ضرورت ناهي. اهڙي طرح هلندي ڊوڙندي ستون ڦيرو مروَه تي ختم ٿيندو. ”جديد مَسّعيٰ“ جي بدران تهہ خاني ۾ سعِي ڪريو، هاڻي حلق يا تقصير ڪرايو، تقصير ۾ چوٿائي وارن مان گهٽ ۾ گهٽ آڱر جي هڪ پور (يعني آڱر جي هڪ حصي) جيترا ڪٽجڻ ضروري آهن، ڦينچيءَ سان ٻن ٽن جڳهن تان ڪجهہ وار ڪترائڻ سان اِحرام جون پابنديون ختم نہ ٿينديون. اسلامي ڀينرون صرف تقصير ڪرائن، عمرو پورو ٿي ويو. حجِ تَمَتُّع ڪرڻ وارا حلق يا تقصير کان پوءِ احرام مان فارغ ٿي ويا، پر حج ”اِفراد“ ۽ ”قِران“ وارا حلق، تقصير هينئر نٿا ڪري سگهن، انهن کي انهيءَ اِحرام سان حج ادا ڪرڻو آهي، اِفراد وارن جي لاءِ اهو طواف ”طوافِ قدوم“ ٿيو، قِران وارا هن کان پوءِ طواِف قدوم جي نيّت سان هڪ ٻيو طواف ۽ سعي ادا ڪن.



## حج جي نيّت

اَللّٰھُمَّ اِنِّیۡٓ اُرِیۡدُ الۡحَجَّ فَیَسِّرۡہُ لِیۡ وَتَقَبَّلۡہُ مِنِّیۡ ط وَاَعِنِّیۡ عَلَیۡہِ وَبَارِکۡ لِیۡ فِیۡہِ ط نَوَیۡتُ الۡحَجَّ وَاَحۡرَمۡتُ بِہٖ لِلّٰہِ تَعَالٰی

اي الله عَزَّوَجَلَّ مان حج جو ارادو ڪريان ٿو، تون ان کي منهنجي لاءِ آسان فرما ۽ ان کي منهنجي طرفان قبول فرما، ۽ ان ۾ منهنجي مدد فرما ۽ ان کي منهنجي لاءِ بابرڪت بڻاءِ، مون حج جي نيّت ڪئي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ان جو احرام ٻڌو.

## حج جو پهريون ڏينهن

8 ذوالحِجّہ تي احرام ٻڌي، حج جي نيّت ۽ لَبَّيۡڪ پڙهو، هاڻي حج تمتُّع وارا چاهين تہ هڪ نفلي طواف ۾ حج جي رمل ۽ سعي کان فارغ ٿي وڃن، نہ تہ طواف الزِّياره ۾ حج جو رمل ۽ سعي ڪن ۽ انهي ۾ آساني آهي، مِنيٰ شريف ڏانهن روانگي، اتين جو نماز ظهر کان نائين جي فجر، پنجئي نمازون مِنيٰ ۾ ادا ڪرڻ سنّت آهي.

## حج جو ٻيون ڏينهن

9 ذوالحِجّہ تي عرفات ڏانهن روانگي، منجهند کان پوءِ وقوفِ عرفات، سج لهڻ کان پوءِ نماز مغرب پڙهڻ بغير مزدلفہ ڏانهن روانگي، مزدلفہ ۾ عشاء جي وقت ۾ مغرب ۽ عشاء ملائي پڙهڻ، رمي جي لاءِ 49 کان ڪجھ وڌيڪ پٿريون ڪٺڻ. ڏهين جو صبح صادق کان پوءِ مزدلفہ جو وقوف، فجر نماز کان پوءِ مِنيٰ شريف روانگي.



## حج جو ٽيون ڏينهن

10 ذوالحجہ تي سج اڀرڻ کان پوءِ صرف وڏي شيطان کي ست پٿريون هڻڻ، پوءِ قرباني ڪرڻ (ٽوڪن هرگز نہ خريد ڪيو) پوءِ حلق يا تقصير پوءِ طوافُ الزّيارة.


## حج جو چوٿون ڏينهن

11 ذوالحجہ تي ظهر جو وقت شروع ٿيڻ کان پوءِ پهرين ننڍي پوءِ وچين پوءِ وڏي شيطان کي رمي ڪرڻ، رات مِنيٰ شريف ۾ قيام.

## حج جو پنجون ڏينهن

12 ذوالحجہ تي ظهر جو وقت شروع ٿيڻ کان پوءِ ٻارهين ذوالحِجہ وانگر ٽنهي شيطانن کي رمي ڪرڻ، جيڪڏهن 13 جي رمي نہ ڪرڻي هجي تہ سج لهڻ کان پهرين مِنيٰ جي حدن مان نڪري وڃو، اسلامي ڀينرن کي بہ ٽئي ڏينهن پنهنجي هٿ سان رمي ڪرڻ واجب آهي ۽ واجب ترڪ ڪرڻ سبب دم واجب ٿيندو، جيڪڏهن ڪنهن اڃا تائين طواف الزِّيارة نہ ڪيو هجي تہ ٻارهين جي سج لهڻ کان پهريان ڪري وٺي.

هي ڪارڊ ناڪافي آهي، **رفيق الحرمين** جو مطالعو ڪريو.




پوءِ انهي ڪارڊ جي ذريعي مَناسِڪِ حج (حج جا احڪام) ادا ڪريو



## روضۂِ رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي حاضري

مسجد نبوي عَلٰي صاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي دروازي مبارڪ تي بيهي، اجازت جي نيّت سان عرض ڪيو:

**اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡکَ یَارَسُوۡلَ اللہ**

سونهري ڄارين جي سامهون وڏي سوراخ ۽ ٻن ننڍن سوراخن جي وچ ۾ دروازي مبارڪ جي اوپر پاسي لڳل چانديءَ جي ڪِلِيَن جي سِڌائي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه گز پري بيهي نماز وانگر هٿ ٻڌي سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي بارگاھ ۾ وچٽري آواز ۾ هنن لفظن سان صلوٰة ۽ سلام عرض ڪريو:

**اَلسَّلَامُ عَلَیۡکَ اَیُّهَا النَّبِیُّ وَرَحۡمَةُ اللہِ وَبَرَکَاتُه، اَلسَّلَامُ عَلَیۡکَ یَارَسُوۡلَ اللہِ، اَلسَّلَامُ عَلَیۡکَ یَا خَیۡرَ خَلۡقِ اللہِ، اَلسَّلَامُ عَلَیۡکَ یَا شَفِیۡعَ الۡمُذۡنِبِیۡنَ ، اَلسَّلَامُ عَلَیۡکَ وَعَلٰی اٰلِکَ وَاَصۡحَابِکَ وَاُمَّتِکَ اَجۡمَعِیۡنَ ط**

اي نبي (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) **اوهان تي سلام ۽ الله** عَزَّوَجَلَّ **جي رحمت ۽ برڪتون، اي الله** عَزَّوَجَلَّ **جا رسول** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **اوهان تي سلام، اي الله** عَزَّوَجَلَّ **جي سموري مخلوق کان بهتر اوهان تي سلام، اي گناهگارن جي شفاعت ڪرڻ وارا، اوهان تي سلام . اوهان تي، اوهان جي آل ۽ اصحابن تي ۽ اوهان جي سڀني اُمّت تي سلام .**

**دعا جي لاءِ سونهري ڄارين کي هر گز پُٺ نہ ڪريو.**